# جهڙو راڄ تهڙو ڀاڳ

هڪڙي بادشاهه خواب لڌو، ڏٺائين ته سندس سمهڻ واري ڪوٺيءَ ۾ هڪڙي لومڙي پئي ڦٽڪي. صبح جو بادشاهه سيني اميرن، وزيرن ۽ نجومين کي خواب ٻڌايو؛ پر انهن مان ڪوبه ان جو تعبير نه ٻڌائي سگهيو.

پوءِ ته سڄي بادشاهيءَ ۾ ڍنڍورو گهمايو ويو، ته جيڪو به خواب جو تعبير ٻڌائيندو، تنهن کي وڏو انعام ڏنو ويندو.

ڳچ ڏينهن گذري ويا، پر خواب جي تعبير ٻڌائڻ لاءِ ڪوبه ڪونه آيو. نيٺ اها خبر هڪ ڏينهن هڪڙي ڪُڙميءَ تائين پهتي. هو به خواب جي تعبير ڪرڻ لاءِ توڪل ڪري نڪري پيو. واٽ تي هڪ جابلو لَڪ هو جتان هن کي لنگهڻو هو. اتي پهتو ته ڏسي ته هڪ واسينگ نانگ وينو آهي. هن نانگ کي چيو ته "نانگ! مون کي واٽ ڏي، جو بادشاهه کي خواب جو تعبير ٻڌائڻ پيو وڃان." نانگ چيس "اڙي ڪُڙمي! بادشاهه کي نجومي به تعبير نه ٻڌائي سگهيا، سو تون ڪيئن ٻڌائيندين؟ جي تون چوين ته آءٌ توکي تعبير ٻڌايان، پر ان لاءِ منهنجو شرط آهي، ته انعام جو اڌ مون کي ڏيندين." ڪُڙميءَ نانگ جو شرط مڃيو ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿي ويو.

دربار ۾ پهچي ڪڙميءَ خواب جو تعبير ٻڌائڻ جي اجازت گهري. بادشاهه کيس اجازت ڏني، ڪُڙميءَ چيو: "بادشاهه سلامت! لومڙي هڪ دغاباز، بزدل ۽ مڪار جانور آهي؛ تنهنڪري

توهان کي سمجهڻ کپي ته رعيت ۾ دغابازي، مڪاري ۽ رياڪاري وڌي ويئي آهي. جيڪڏهن اها بند نه ٿي ته پوءِ حڪومت کي نقصان پهچندو.“ بادشاهه کي ڳالهه دل سان لڳي ۽ هن ڪُڙميءَ کي وڏا انعام اڪرام ڏنا.

ڪُڙمي انعام وٺي واپس پئي آيو، ته خيال ڪيائين ته ڇو نه ٻيو رستو وٺي گهر وڃان! نه ته نانگ کي انعام جو اڌ ڏيڻو پوندو. سو هو ٻيو رستو وٺي گهر پهتو.

ڪجهه ڏينهن ڪان پوءِ بادشاهه وري ٻيو خواب لڌو، ته سندس محل ۾ هڪ اگهاڙي ترار پئي لٽڪي. صبح جو بادشاهه ان ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. هاڻي ته ڪُڙمي اچي ڦاٿو. نانگ سان ته هن دوکو ڪيو هو. هاڻي ڇا ڪري؟ نيٺ دل من هڻي نانگ وٽ ويو ۽ ان کي مِنٿون ڪرڻ لڳو. نيٺ نانگ کيس چيو ته: ”اڳي ٻه تو قول ڪونه پاڙيو، پر هاڻي واعدو ڪر ته انعام جو اڌ ضرور مون کي ڏيندين!“ ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهه وٽ پهچي ڪُڙميءَ کيس ٻڌايو ته: ”جيئندا قبلا! ترار جو ڪم آهي خونريزي. اوهان جا دشمن اوهان جي پٺيان اگهاڙي ترار کنيو پيا گهمن. اوهان ٻه ترار جي زور سان انهن جو سر يڪدم قلم ڪري ڇڏيو.“ بادشاهه کي ڳالهه دل سان لڳي. هن ڪُڙميءَ کي جهجها انعام اڪرام ڏنا. هڪ ترار ٻه تحفي ۾ هن کي ڏنائين. ڪُڙمي خوش ٿيندو گهر ڏانهن موٽيو؛ پر واٽ تي وري ٻه دل ۾ بي ايماني پيدا ٿيس، دل ۾ چوڻ لڳو ته، نانگ کي اڌ

حصو چو ڏيان! جڏهن نانگ واري لَڪ وٽ پهتو تہ نانگ کي ڏسي ڪٽي ترار هنيائين. نانگ ويچارو پڇي ٻرَ ۾ گهڙي ويو. ڪُڙمي اچي گهر پهتو ۽ سک سان زندگي گذارڻ لڳو.

ڪجهہ ڏينهن کان پوءِ بادشاهہ وري بہ ڪو خواب لڌو. هن وري ڪُڙميءَ ڏانهن ماڻهو موڪليو. ڪُڙمي تہ هاٿي آزار ۾ پئجي ويو؛ پر وري بہ نانگ وٽ ويو. نانگ چيس تہ: "هاٿي وري چو آيو آهين؟" ڪُڙميءَ، نانگ کي ڏاڍيون منٿون ڪيون. "بيلي، منهنجون خطائون بخش ڪر. هن خواب جو تعبير ٻڌاءِ نہ تہ مفت ۾ مارجي ويندس." تنهن تي نانگ چيس تہ: "چڱو، توکي خواب جو تعبير ٻڌايان ٿو، پر واعدو ڪر تہ هن ڀيري انعام جو اڌ ضرور ڏيندين!" ڪُڙميءَ هائوڪار ڪئي ۽ خواب جو تعبير ٻڌي روانو ٿيو.

بادشاهہ وٽ پهچي ڪُڙمي چيو تہ "بادشاهہ سلامت! اوهان خواب ۾ ڍڳي ڏٺي آهي. توهان گونگي ڳانءِ وارو پهاڪو تہ ضرور ٻڌو هوندو! سو ائين سمجهو تہ اوهان جي رعيت هاٿي ڳئون وانگر نِماڻي ٿي چڪي آهي. اوهان جي حڪومت کي هاٿي ڪوبہ لوڏو نہ آهي!" اهو ٻڌي بادشاهہ ڏاڍو خوش ٿيو. ڪُڙمي بہ پنهنجو انعام وٺي روانو ٿيو.

ڪُڙمي هن ڀيري سڌو نانگ وٽ آيو. سمورو انعام آڻي نانگ آڏو رکيائين. نانگ چيس تہ، "ادا آءٌ ڪو انعام جو بُکيو نہ آهيان. مون تہ رڳو تنهنجو آزمودو ٿي ورتو. پر ان ۾ تنهنجو ڏوهہ نہ آهي. چو تہ ملڪي حالتن جو اثر رعيت تي پوندو آهي. پهرئين

پيري ملڪ ۾ فريب ۽ دغا هئي: سو تو بہ مون سان دغا ڪئي.
ٻئي پيري ملڪ ۾ فساد ۽ خونريزي هئي، سو تو بہ ائين ڪيو.
ھاڻي ملڪ ۾ امن امان آھي، سو تون پاڻ ھلي آيو آھين انعام ڏيڻ.
ٻڌو ڪونہ اٿئي تہ "جھڙو راڄ تھڙو پاڳ، جھڙو راجا، تھڙي پرجا!"
(تلخيص: ڊاڪٽر سحر امداد)

## مشق

(الف) ھيٺين سوالن جا جواب ڏيو:

1- بادشاھ پھريون خواب ڪھڙو لڌو؟
2- ڪُڙميءَ کي خواب جو تعبير ڪنھن ٻڌايو؟
3- بادشاھ ٻيو پيرو ڪھڙو خواب لڌو؟
4- بادشاھ ٽيون پيرو خواب ۾ ڇا ڏٺو؟
5- نانگ ڪھڙي شرط تي ڪُڙميءَ کي خوابن جو تعبير ٻڌايو؟
6- ھن آکاڻيءَ مان ڪھڙي نصيحت ملي ٿي؟

(ب) ھيٺين لفظن جي معنيٰ لکو ۽ جملن ۾ ڪم آڻيو:

ڳچ – قول – خونريزي – تحفي – ٻيلي – آزمودو
پرجا – نيٺ – جابلو – ڪُڙمي – واٽ .

# نظم جو پاڱو